# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1991
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1991
# سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1991
# THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ ترميم
Amendment in Sindh Act X of 1986

3. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعه 3_A جي شموليت
Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986

4. منسوخي
Repeal

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1991
# SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1991
# سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1991
# THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT)(AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

[22 آگسٽ 1991]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1991 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين ڊسمبر 1990 کان موثر

| | |
|---|---|
| سمجهيو ويندو. | commencement |
| 2.سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان ۾ لفظ "اسپيشل الائونس" جتي بہ اچن سواءِ دفعہ 3 جي، انهن کانپوءِ لفظن "۽ اضافي اسپيشل الائونس" جو واڌارو ڪيو ويندو. | 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ ترميم Amendment in Sindh Act X of 1986 |
| 3.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ 3_A شامل ڪئي ويندي:<br>"3_A.هر ملازم جيتري بہ اجرت ڪٽندڙ آهي ان جي پهرين ڊسمبر 1990 تي يا ان کانپوءِ ملازمت جي سلسلي ۾ ان جي ايمپلائر طرفان ان کي ٻہ سئو رپيا ماهوار برابر اضافي اسپيشل الائونس ڏنو ويندو. | 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعہ 3_A جي شموليت Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986 |
| 4.سنڌ ايمپلائيز اسپيشل الائونسل (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**